

# مثبت معاشرتي تبديليءَ جي لاءِ

## صادقه صلاح الدين

غير سرڪاري تنظيمون جيڪڏهن ڪنهن مضبوط بندش ۾ بدل نظر اچن ته اها سماجي تبديليءَ جي خواهش آهي. معاشي ۽ سماجي ناانصافين ۾ گهيريل هن. معاشري ۾ اميدن جا هي ڏيئا وڏي غنيمت آهن. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن ڏيئن جي لاٽ گهٽي جهڪي آهي ۽ ڪجھ شام ڪان ئي اجهاميل نظر اچن ٿا. پر ان سان گڏ اهڙن ڏيئن جي به ڪا کوٽ نه آهي، جن جي ڪري هيا ڏيئا ٻري رهيا آهن. رضاڪارانه تنظيمن جي تعداد ۾ روزبروز ترقي ان عمل جو مظهر آهي.

سماجي تبديلي جي حصول لاءِ انهن تنظيمن پنهنجي پنهنجي سوچ، تجربي ۽ مهارت جي مطابق مختلف طريقا اختيار ڪيا آهن. جنهن جي ڪري هي تنظيمون سان ڪي مختلف قسمن جي سرگرمين ۾ نظر اينديون آهن. سرگرميون ڪتي ڪجھ به هجن پر تلاش هڪ ئي منزل جي آهي، يعني هڪ اهڙي معاشري جو قيام جيڪو جمهوري قدرن تي ٻڌل هجي، جتي انصاف جون تقاضائون پوريون ٿين ۽ عام شهري باعزت زندگي گذاري سگهن.

هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته چاهي اهي سرگرميون، تعليمي هجن يا صحت جي ميدان ۾ هجن توڙي بنيادي سهوليتن لاءِ هجن معاشري ۾ سماجي تبديليءَ جي آجيان ڪن ٿيون ۽ جيڪڏهن ائين نه آهي ته پوءِ ان ڳالھ جو جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي ته ڇا غيرسرڪاري تنظيمون معاشري جي اصل مسئلن کي حل ڪري رهيون آهن يا مرض جي صحيح تشخيص ڪرڻ کان سواءِ صرف علامتن جي علاج ۾ مصروف آهن. اسان کي هي نه وسارڻ گهرجي ته علاج جيڪڏهن فقط علامتن تي ٿيندو ته مرض وري وري ڪنڌ ڪڍندو آهي. ديرپا علاج جي لاءِ مرض جي سببن کي سمجهڻ ۽ انهن جو سدباب ڪرڻ ضروري آهي.

ته پوءِ ان تي ٿورڙي ڳالھ ٻولھ ڪئي وڃي ته هن معاشري جا اصل مسئلا ڪهڙا آهن. ڇا هي مسئلا ناخواندگي، تيزيءَ سان وڌندڙ آبادي، معاشي ترقيءَ جا محدود امڪان، صحت جو ڪرندڙ معيار وغيره آهن يا هي صرف علامتون آهن ۽ اصل سبب ڪجھ ٻيا آهن.

اين جي او آر سي ۾ ڪم ڪرڻ جي حوالي سان مون کي زندگيءَ جي سچائين کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. توڻي جو ان رابطي کي گهڻو عرصو نه ٿيو آهي، پر ان ٿورڙي وقت ۾ مسئلن جا تھ کلندي نظر آيا آهن. استحصال ۽ بدعنوانين جا ناقابل يقين مظاهرا ڏٺا ۽ ظلم جا ڪليل داستان ٻڌا آهن. انهن ڪهاڻين کي دهرائڻ هتي ممڪن نه آهي، ڇو ته انهن ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ ڪجھ باعزت فردن ۽ گروهن جو به ذڪر ايندو جنهن جي پويان مصلحتون لڪل آهن.

اڄ مان صرف ٻهراڙين جي معاشري جو ذڪر ڪنديس، جتي اڪثريت انهن ڪهراڻن جي آهي، جيڪي سڌي يا اڻسڌي طور تي زراعت سان تعلق رکن ٿا يا ننڍين ننڍين زمين جي ٽڪرن جا مالڪن آهن يا ڪنهن ٻئي جي زمين تي ڪم ڪن ٿا. ان طبقي ۾ توهان کي شايد اهڙو ڪهراڻو نظر اچي جيڪو قرض ۾ جڪڙيل نه هجي. هي قرض ڪنهن مالي اداري جو نه هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن تائين ته انهن جي پهچ هوندي ئي نه آهي ۽ نه ئي انهن ادارن جي شرطن کي هو پورو ڪري سگهندا آهن. انهن هارين تي قرض علائقي جي مالدارن جو هوندو آهي، جيڪي ٻج ۽ ڀاڻ جي لاءِ مالي ذريعا فراهم ڪري هڪ طرف انهن جي ضرورتن جو پورائو ڪندا آهن ته ٻئي طرف وياج جي زنجيرن ۾ انهن جي ايندڙ نسلن کي به جڪڙي ڇڏيندا آهن.

ان غيررسمي استحصال تي ٻڌل مالياتي نظام ۾ ادائگيون اڪثر جنس جي صورت ۾ ٿينديون آهن. پر جيڪڏهن انهن جي مالي قدر کي ڏٺو وڃي ته وياج جي شرح ١٠ کان ١٢ سيڪڙو ماهوار هوندي آهي. مون اهڙا به واقعا ٻڌا، جڏهن ڪنهن پنهنجي ٻارڙي جي بيماري جي ڪري ٥ هزار رپيا هڪ مهيني لاءِ اڌارا ورتا ۽ هڪ مهيني کان پوءِ ٥ هزارن جي بجاءِ ڇھ هزار رپيا ادا ڪيا.

ڪهاڻي صرف اتي ئي ختم ڪانه ٿي ٿئي، پر آبادگارن کي پنهنجي پيداوار به انهن ئي دلالن جي معرفت بازار ۾ سستي اگھ تي وڪرو ڪرڻي پوي ٿي ۽ اهي دلال ان پيداوار مان ضائع ٿيڻ وارو حصو Sastage ڪٽيندا آهن.

اسان جا مالي ادارا جيڪي ننڍين آبادگارن لاءِ هر ايندڙ ڏينهن تي گهٽ وياج وارين اسڪيمن جو اعلان ڪندا آهن، خبر نه آهي ڪهڙن ماڻهن جي امداد ڪري رهيا آهن. مون کي حسرت آهي ته مان اهڙن ننڍين آبادگارن سان ملان جيڪي انهن مالي ادارن کان قرض وٺڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا.

سون تي سهاڳو هي آهي ته جڏهن ان زرعي پيداوار تي سرڪاري محصولن يا ڍل ۽ آبياني وغيره ڏيڻ جي ڳالھ ايندي آهي ته استحصال جي هڪ شڪل سامهون ايندي آهي. نظام اهڙو آهي جو آبادگارن کي اها خبر نه پوندي آهي ته انهن کان ڪهڙي مد ۾ ڍل ورتي ٿي وڃي. ڍل جي جدول نٿي ته ضرور ٿي پر ان جي حاصلات تمام گهٽي ٽڪي آهي، نه ان کي ڪٿي ظاهر ڪيو ويندو آهي ۽ نه لاڳاپيل علائقن ۾ تقسيم ڪرڻ جو ڪو رواج آهي.

ٿيندو هيئن آهي ته تپيدار ۽ مختيارڪار مسلح پوليس وارن سان گڏ ڳوٺن ۾ ويندا آهن ۽ آبادگارن کي ڊڄائيندا آهن ته اوهان کي هيترا هزار ڏيڻا آهن. آبادگار ويچارا رحم جي اپيل ڪندا آهن ۽ نوڪرشاهيءَ جا هي نمائندا ڪجھ هزارن جي رعايت ڪندا آهن. نتيجي طور آبادگار شڪرگذار به ٿيندا آهن ۽ رسيد به نه گهرندا آهن. جيڪڏهن رسيد ڏني به ويندي آهي ته ان تي ڪنهن به قسم جو تفصيل نه لکيل هوندو آهي.

توهان کي اهڙا اڻ ڳڻيا مثال ملندا ته آبادگار پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ڏيندا آهن ۽ اتي پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ ٽيوب ويل يا ته هوندا ئي نه آهن يا انهن جون مشينون چوري ٿي ويون هونديون آهن. اهڙين زمينن جو به آبيانو ڏنو ويندو آهي، جن مان پيداوار ممڪن ئي نه آهي، جيڪي گهڻي وقت کان سم ۽ ڪلر جو شڪار آهن ۽ جن ۾ ڪيتراڻي فٽ پاڻي سڄو سال



# رانديڪا ٺاهڻ لاءِ آمريڪي ٺيڪا

**غريب ايشيائي ملڪن ۾ رانديڪا ٺاهڻ وارن کي ٿورڙو معاوضو ڏنو ٿو وڃي. اسان جو مطالبو آهي ته ايشيا ۾ مزدوريءَ جا مناسب معيار اختيار ڪيا وڃن.**

مون کي تنهنجي دڪان جا رانديڪا نه گهرجن. گذريل سال هيءَ ڳالهه الي نوائي ڪان هڪ ڏهن سالن جي ٻارڙي ارڪنساس سان تعلق رکندڙ رعايتي اگهن واري دڪان جي سلسلي ۾ وال مارٽ کي لکي. ان ٻارڙي ٿائيلينڊ ۾ تيار ٿيل "پاور رينجر" واپس ڪري ڇڏي.

وال مارٽ کي ان ٻارڙي جو هي خط صارفين لاءِ هڪ تحريڪ جو حصو هو جنهن ۾ انساني حقن جا ڪارڪن، رانديڪا ٺاهڻ وارين انهن ڪمپنين کي نشانو بنائڻ چاهين ٿا، جيڪي تياريءَ جو ڪم ايشيا ۾ ٺيڪي تي ڏين ٿيون. هنن جو مطالبو آهي ته هي آمريڪي ڪمپنيون اهڙو ضابطہ اخلاق ٺاهين جنهن ۾ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ايشيا ۾ ڪم کي ٺيڪي تي ڏيڻ واري مزدوري ۽ پگهارن کي بين الاقوامي معيارن مطابق پورو ڪيو پيو وڃي.

مزدورن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙن مطابق ايشيا ۾ رانديڪا ٺاهيندڙ، جن ۾ تقريباً ٩٠ سيڪڙو عورتون آهن، گهٽ اجرت تي روزانو ١٠ کان ١۴ ڪلاڪ، هفتي ۾ ڇهه يا ست ڏينهن ڪم ڪن ٿيون. انهن مزدورن کي ڪوبہ اوورٽائيم نہ ٿو ڏنو وڃي ۽ صحت جي حفاظت، رهائش ۽ علاج جو بہ ڪو بندوبست نہ آهي. ڪارخانن ۾ اڪثر ڪري حفاظتي اوزار ۽ سامان بہ نہ هوندو آهي.

آمريڪن فيڊريشن آف ليبر ايند ڪانگريس آف انڊسٽريل آرگنائيزيشن جيڪي آمريڪا ۾ وڏيون ٽريڊ يونينون آهن، جي شيردل گوبو چوي ٿي ته: "آمريڪا ۾ هڪ وچولي طبقي جو ٻار پوري سال ۾ ٢٠٠ ڊالرن کان وڌيڪ رانديڪا خريد ڪري ٿو جڏهن ته غريب ايشيائي ملڪن ۾ رانديڪا ٺاهيندڙن کي هڪ ڊالر في ڪلاڪ کان بہ گهٽ معاوضو ملي ٿو." جيڪو مناسب نہ آهي. اسين چاهيون ٿا ته رانديڪا ٺاهڻ واريون ڪمپنيون ايشيا ۾ مزدوري جا مناسب معيار اختيار ڪن.

ٿائيلينڊ ۽ ايشيا جي ٻين حصن ۾ رانديڪن جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ وارين هزارين ڇوڪرين ۽ عورتن کي ڏينهن ۾ ڇوڏهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو معاضو صرف پنج آمريڪي ڊالر ڏنو وڃي ٿو ۽ برسلز ۾ قائم انٽرنيشنل ڪنفيڊريشن آف فري ٽريڊ يونين (ICFTU) جي مطابق ڪيترن ئي ڪارڪنن کي زياده اجرت جي گهرڻ تي نوڪرين مان ڪڍيو وڃي ٿو.

صارفين جا گروپ هي مطالبو ڪن ٿا ته، آمريڪي ڪمپنيون اهڙو ضابطہ اخلاق نافذ ڪن جيڪو اجرت ۽ تحفظ جي قانون جي نفاذ کي يقيني بڻائي. اهي هي بہ چاهين ٿا ته آمريڪي ڪمپنيون انهن قانونن جو جائزو وٺڻ تي رضامند ٿين انهن جو چوڻ آهي ته ايشيا ۾ رانديڪن جا گهڻا ڪارخانا آمريڪا، يورپ يا جپان جي گهڻ قومي ڪمپنين جي ملڪيت آهن يا انهن جي ٺيڪي تي آهن.

آءِ سي ايف ٽي يو جو جنرل سيڪريٽري بل جارڊن چوي ٿو ته: "انهن ڪارخانن ۾ ڪم جي صورتحال بين الاقوامي طور تي مقرر ڪيل بنيادي معيارن تي پوري نہ ٿي لهي. گذريل ٻن سالن ۾ چين ۽ ٿائي لينڊ ۾ ٢٥٠ کان وڌيڪ مزدور باهه يا ٻين صنعتي حادثن ۾ زندگي کان هٿ ڌوئي ويٺا. ٽريڊ يونين وارا ڪارخانن ۾ باهه لڳڻ جي لاءِ گهڻ قومي ڪمپنين ۽ علائقي جي حڪومتن کي برابر جو ذميوار قرار ڏين ٿا."

چين ۽ ٿائي لينڊ جا آفيسر اهو تسليم ڪن ٿا ته صنعتي حادثا ناڪافي حفاظتي قدمن جي ڪري ٿين ٿا. پر اي ايف ايل سي آءِ او جا ڪارڪن چون ٿا ته ٻاهرين سرمائيڪارن کي خوش ڪرڻ لاءِ هي ماڻهو حفاظتي قانونن جي خلاف ورزي کي نظرانداز ڪري ٿا ڇڏين.

رانديڪن جي خلاف اولهه جي تحريڪ ۾ ايشيا جي انساني حقن جا مقامي علمبردار سڀ جا سڀ شامل نہ آهن. اهي تسليم ڪن ٿا ته حالتون خراب آهن ۽ بهتري اچڻ گهرجي. پر انهن جو چوڻ آهي ته، ڪارخانن جي بند ٿيڻ سان هزارين مزدور بي روزگار ٿي ويندا. انهن مطابق

باقي صفحي ١٠ تي

